

ڊاڪٽر نواز علي شوق



سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي
خيرپور سنڌ.

ٻه اکر

سال ۱۹۹۱ع ۾ مون سچل سرمست جي هڪ طالب فقير محمد صلاح تي تحقيقي مقالو تيار ڪري سچل ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي پڙهيو هو. ججن جي فيصلي موجب منهنجي ان مقالي کي بهترين مقالو قرار ڏنو. اهو مقالو سچل يادگار ڪميٽي خيرپور، پاران ۱۹۹۲ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو. ۽ بنده کي بهترين مقالي لکڻ تي سچل ايوارڊ ڏنو ويو. ان موقعي تي ڪن دوستن صلاح ڏني ته سچل سرمست جي ٻين طالبن جهڙوڪ گهرام فقير جتوئي ۽ خير شاهه تي تحقيق ڪريو ڇو ته انهن ٻنهن صوفي شاعرن تي هن وقت تائين ڪا تحقيق ڪانه ڪئي وئي آهي، فقط سچل سرمست جي طالبن واري فهرست ۾ سندن نالو ڳڻايو ويندو آهي. مون کي دوستن جي اها سهڻي صلاح وڻي ۽ مون سچل سرمست جي انهن ٻالڪن جي سوانح ۽ ڪلام هٿ ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي. ورهين جي محنت کان پوءِ جو ڪجهه هٿ اچي سگهيو آهي، سو پڙهندڙن، خاص طور سچل سرمست جي عقيدت مندن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان. اميد ته هيءُ پيار جو پورهيو قبوليت جو شرف حاصل ڪندو. آخر ۾ ڊاڪٽر بشير احمد شيخ، وائيس چانسلر شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور ۽ سخي سائين ڊاڪٽر قبول محمد ڊائريڪٽر سچل چيئر ۽ سجاده نشين درگاهه درازا شريف جو ٿورائتو آهيان. جن هن ڪتاب ڇپرائڻ جي نه فقط منظوري ڏني، پر تمام ٿوري وقت ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو.

ڪراچي، ۳ جنوري ۱۹۹۸ع

ڊاڪٽر نواز علي شوق
ڪراچي يونيورسٽي
ڪراچي- سنڌ

اداري پارا

سچل سائينءَ جي شاعري انسانيت سان پيار واري شاعري آهي. جڏهن رهبر ڪامل هوندا آهن تہ واٽهڙو واٽ نہ ڀُلندا آهن ۽ پنهنجي رهبر وارو رستو وٺي پنهنجي زندگي لاڀائتي بڻائي ويندا آهن.

سچل سائينءَ جا طالب، پنهنجي مرشد جي واٽ وٺي الاهي عشق ۾ جهومندا جيئندا رهيا. سچل سائينءَ جي طالبن مان، ڪن انسانيت جي خدمت ادارا جوڙائي ڪئي تہ، ڪن وري ذات جو سهارو وٺي، انسانن کي صحيح راهون ڏيکاريندا رهيا ۽ اهو سلسلو خانقاهہ درازا قائم ٿيڻ کان اڄ تائين جاري ۽ ساري آهي.

سنڌي ادب جي محقق پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي شوق پنهنجي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان "سچل سائينءَ جا طالب "(شاعر) نالي ڪتاب جوڙيو آهي، جيڪو املهہ سرمايو پڻ آهي. هن ڪتاب تي ڊاڪٽر شوق صاحب سٺي محنت ڪئي آهي. آءٌ ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب جن جو خاص طور تي ٿورائتو آهيان، جن ناچاڪيءَ جي هوندي بہ هن ڪتاب بابت پنهنجو ماهرانہ رايو ڏنو.

آءٌ سمجهان ٿو تہ، سچل سائينءَ سان محبت ڪندڙ سنڌي ماڻهو سچل سائينءَ جي طالب شاعرن جي شاعري پڙهي ۽ سمجهي پنهنجين زندگين کي لاڀائتو بنائيندا.

هن ڪتاب کي پڌري ڪرڻ لاءِ اسان جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر بشير احمد شيخ صاحب جي ذاتي ڪوشش ۽ دلچسپي رهي، تڏهن ئي هيءُ ڪتاب جلد پڌرو ٿي سگهيو. هن ڪتاب جي حوالي سان ريسرچ آفيسر مهرخادم جون ڪوششون پڻ شامل آهن، ان کان علاوه علمي پرنٽرس جا ٿورائتا آهيون جنهن تمام ٿوري وقت ۾ هيءُ ڪتاب تمام سهڻي ڇپائي ۽ گيٽ اپ سان تيار ڪري ڏنو.

ڊاڪٽر سخي قبول محمد فاروقي
ڊائريڪٽر
سچل چيئر، شاهہ عبداللطيف يونورسٽي
خيرپور سنڌ.

فقیر محمد صلاح

مقدمو

سياسي حالتون

سنڌ جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته سچل سرمست رحه جي دور (١١٥٢هه\١٧٣٩ع- ١٢٤٢هه\١٨٢٦ع) ۾ سنڌ جي سرزمين تي جيڪي جنگيون لڳيون، جهيڙا جهٽا ٿيا، فساد ۽ وڳوڙ ٿيا، تن جو ڳڻپ تعداد آهي. اٽڪل روءِ ننڍيون وڏيون ٤٥ کن جنگيون لڳيون. جن مان ڪن جا نالا ڳڻائڻ ضروري سمجهان ٿو:

سچل سائين جي ولادت کان ڪجهه سال اڳ هن ڌرتيءَ تي هيٺيان دردناڪ واقعا پيش آيا.

١- خان قلات جو سنڌ تي حملو ١٧٣٠-٣١ع

٢- ڪلهوڙن جو کهڙا شهر تي حملو (١) ١٧٣٢-٣٣ع

٣- ڏاريجن ۽ ڪڪرالن جي وچ ۾ جنگيون ١٧٣٩ع

٤- نادر شاهه جي سنڌ تي ڦهري ڪاهه ١٧٣٩-٤٠ع

٥- احمد شاهه جو سنڌ تي حملو ١٧٥٤ع

٦- ميان مراد ياب ۽ ميان غلام شاهه جي جنگ ١٧٥٧ع

٧- ميان غلام شاهه ۽ سندس ڀاءُ عطر خان جي وچ ۾ جنگ ١٧٥٨ع

٨- ڪڇ جي راجا جا سنڌ تي حملا ١٧٦٣-٦٤ع

٩- مير بهرام ۽ مير صوبدار جي شهادت ۽ سنڌ ۾ سرد جنگ جي شروعات، ١٧٧٥ع

---

(١) مخدوم عبدالرحمان ۽ سندن ٢٠٨ مريد ۽ معتقد مسجد شريف ۾ مراقبي جي حالت ۾ ماريا ويا. ان کان علاوه عورتن جي بيحرمتي ڪئي وئي ۽ عوام جو قتل عام ٿيو.

١٠- ميان سرفراز جي معزولي ۽ ميان غلام نبي جي تخت نشيني- گهرو لڙائي ۽ عام ويڙهه:	١٧٧٦ع
١١- ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ گهرو لڙائي	١٧٧٦ع
١٢- هالاڻيءَ ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ جنگ	١٧٨١ع
١٣- عزت يار خان پٺاڻ ۽ ميان عبدالنبي جي لڪي ۽ شڪارپور جي وچ ۾ جنگ	١٧٨١ع
١۴- تيمور شاهه بن احمد شاهه جي سنڌ تي ڪاهه	١٧٨١-٨٢ع
١٥- مدد خان پٺاڻ جو سنڌ تي هيبتناڪ حملو ڦهري ڪوس، باهيون، لٽ ڦر	١٧٨١ع
١٦- ڪلهوڙن ۽ ميرن جي وچ ۾ جنگ	١٧٨٢ع
١٧- ميرن جي ڀهرين چوياري، جنهن ۾ سنڌ ٻاگا تي	١٧٨٢ع
١٨- مير عبدالله ۽ مير فتح خان جي شهادت(١)	١٧٨٣ع
١٩- دلاور خان پٺاڻ جو سنڌ تي حملو	١٧٨٨ع
٢٠- شاهه شجاع جو سنڌ تي حملو ۽ ڪرڙي واري جنگ	١٨٠٣ع
٢١- سکن جو سنڌ تي پهريون حملو	١٨٢٣ع
٢٢- سکن جو سنڌ تي ٻيو حملو	١٨٢٥ع

(١) مير عبدالله خان ۽ مير فتح خان سان قرآن مجيد وچ ۾ ڏيئي واعدو ڪيو ويو هو ته کين ڪو نقصان نه پهچايو ويندو. پر عبدالنبي کين دغا سان شهيد ڪرايو. شهادت وقت ٻئي مير صاحبان قرآن مجيد پڙهي رهيا هئا. جنهن ظالم مير عبدالله کي شهيد ڪيو، تنهن سندس سسي قرآن پاڪ جي پاسي ۾ ڪري پئي ۽ قرآن شريف جا ورق رت ۾ لال ٿي ويا.

(تاريخ خيرپور- مرزا قليچ بيگ ص-٢۴) سنه ١٩٢٢ع

نادر شاهه جڏهن سنڌ تي ڦهري ڪاهه ڪئي، تڏهن سنڌ جا شهر، ڳوٺ ۽ وسنديون ويران ٿي ويون. هو هڪ ڪروڙ روپيا جنگ نه ڪرڻ جو جنگي تاوان ۽ ويهه لک روپيا ساليانو خراج وٺي وڃي ايران ۾ آرامي ٿيو. مگر پويان جيڪا تباهي ۽ بربادي ڪري ويو، تنهن جو داستان دل ڏارينڊڙ آهي. لاشن جا ڍير، زخمين جون دانهون، رنن زالن جون رڙهون، يتيمن جون دانهون، ڪوڪون، مظلومن جون عرش تي پهچندڙ آهون، سڙندڙ شهرن، ڳوٺن ۽ وستين ۾ دونهان! اهڙيءَ ريت سندس ظلمن سبب سڪي، سائي ستابي سنڌ ۾ سڄ ٿي وئي.

اها هئي فقير محمد صلاح جي دور ۾ سنڌ جي سياسي صورتحال.

ادبي صورتحال

فقير محمد صلاح وارو دور سياسي لحاظ کان سٺو نه هو، پر ادبي لحاظ کان اهو بهترين دور سنڌي سگهجي ٿو. ان دور ۾ خيرپور وارو خطو شاعريءَ جي لحاظ کان ايترو ته شاهوڪار هو جو سنڌ جو ڪو به ٻيو خطو ان جي برابري ڪري نه ٿي سگهيو.

ان جو وڏو سبب اهو آهي ته ان دور ۾ سچل سرمست جهڙو هڪ پُرگو شاعر موجود هو. جنهن ڪيترن ئي انسانن کي فيض رسايو. خود سچل سائين جا ڪيترائي طالب\ ٻالڪا سچل سائين جي صحبت ۾ رهي فقيري فيض ۽ شاعريءَ واري ذات سان مالا مال ٿي ويا.٠ان کان علاوه فاروقي خاندان جا ڪيترائي عالم ۽ بزرگ فارسي ۽ سنڌي زبان جا وڏا شاعر هئا. سچل سائين ذوقي ۽ حقيري کي پنهنجي ڪلام ۾ ياد ڪيو آهي. ان کان علاوه عبدالهادي فاروقي محمد صالح فاروقي، باغ علي فاروقي ۽ ٻيا گهڻائي شاعر ٿي گذريا آهن.

عبدالهادي فاروقي جو سچل سائين سان ايترو ته پيار هو جو هو سچل سائين جي وفات جو صدمو سهي نه سگهيو ۽ ١٦ رمضان ١٢٤٢ھ وفات ڪري ويو. هن هيٺ سندس هڪ فارسي غزل مان چند شعر ڏجن ٿا.

در وصف نگنجد که چه سیمین ذقن است آن
بگذشت زگل برگ که نازک بدن است آن
آن زلف که آرائي است خمر اندر خمر بـانان
ماري است سيه يا زكمند رسن است آن

رُونش همہ نوري است چوروشن مہ تابان
بُونش هہ مشک است ويا آهوي ختن است آن
بامن بہ مقالات بجز تلخ نہ گويد
با مردم بيگانہ چو شيرين سخن است آن
هادي غزل سعديءِ شيراز کہ گفت است
در وصف نيايد کہ چہ شيرين دهن است آن

ان کان علاوه حافظ عبدالله، گل محمد، صابر درويش ۽ قربان وڏا صوفي بزرگ ۽ شاعر هئا. حافظ عبدالله جي هڪ ڪافي جو ٿلهه ۽ هڪ شعر پيش ڪجي ٿو. ان ۾ هن "الف" ۽ "نون" واري سهڻي تشبيهه آندي آهي. فرمائي ٿو:

لنؤ لائي اسان ڪون لالڻ،
هڻ چا مجنون ڪيتوني
"الف" آهس مٿن والله باالله
هُڻ منون "نون" ڪيتوني

ساڳئي رنگ ۾ گل محمد جي گفتار پڙهو:

مٺي يار پلاڪي مئنون،
پلا چا مدهوش ڪيتوني
پرتشون پيالا پي پهلا
تيس دم وهلا، والہ
برهؤن بيهوش ڪيتوني

حافظ عبدالله سچل سرمست جو وڏو عقيدت مند هو. پنهنجي هڪ ڪافي ۾ فرمايو اٿس

عبدالله پي آيا آهي، سُڻ کي نيون نيايي
من سچو يار سچائي

منهنجي خيال ۾ هيءُ عبدالله، نہ تہ عبدالله ڪاتيار آهي ۽ نہ وري سچل سائين جو استاد عبدالله، پر هيءُ ڪو ٻيو عبدالله آهي، شايد حافظ عبدالله لکي وارو هجي. هن تي تحقيق ٿيڻ گهرجي.

ان دور ۾ ڪنگري (پير جو ڳوٺ) پڻ شاعري ۽ روحانيت جو مرڪز هو. ان درگاهہ جو فيض ورتل فقير عبدالله ڪاتيار هڪ وڏو شاعر؛

روحاني رمزن جو ڄاڻو هو- سچل سائين ۽ عبدالله فقير جي پاڻ ۾ گهري دوستي هئي. سندن هڪ ٻئي ڏي اچڻ وڃڻ ۽ قربانيون ڪچهريون ڪرڻ بابت ڪيتريون ئي روايتون مشهور آهن. ٻئي وڏا شاعر هئا، ٻنهي هڪ ٻئي جو اثر قبول ڪيو. هوڏانهن وري ڪنڊڙيءَ ۾ وڏو رنگ لڳو پيو هو. ڪنڊڙيءَ جا ڪلتار محبت جي محفل مچايون وينا هئا:

ڪنڊڙيءَ ۾ ڪلتار ڏٺوسي،

رانجهو رمزن وارو يار

لاڙڪاڻي طرف وري سچل سائين جا مريد طالب ۽ ٻالڪا فقير محمد صالح قادري، گهرام فقير جتوئي ۽ سيد خير شاه گهر گهر پريت جا پيغام پهچائي رهيا هئا. لاڙڪاڻي شهر ۾ فقير محمد صالح جي اوطاق، تُرڙي محبت ۾ گهرام فقير جو اوتارو ته وري رتيديري ۾ خير شاه جو مڪان مشهور هو: خير شاه سچل سائين واري رنگ ۾ پنهنجي هڪ ڪافي ۾ فرمايو آهي:

وچ مڪان رتيديري،

خير شاه نانءُ سڏايان

آءُ جو ني آهيان، سوئي آهيان.

ٺري مير واه طرف غلام حيدر گودڙيو ته اڳڙن ۾ نانڪ يوسف ته وري روهڙيءَ ۾ بيدل سائين نينهن جو نعرو هڻي رهيا هئا. مطلب ته هر طرف برهه جي بازار لڳل هئي. ڪيئي قربدار، خاصا خريدار موجود هئا. هر ڪنهن پنهنجي هڙ ۽ حيثيت آهر تني وره جو واپار ڪيو ۽ سچل سائين جي مسلڪ جو پرچار ڪيو.

فقير محمد صلاح کي اهڙو سهڻو ماحول مليو ۽ انهيءَ رنگ ۾ رچي رهيو ٿيو. سندس ڪلام تمام ٿورو مليو آهي، پر اهو ڪيترن ئي خوبين سان پُريل آهي. سندس ڪلام ۾ وينجهارن ۽ واديڙن جو ذڪر، پاهت جو پيوند ڳنڍڻ، ڏڏن ڏس ڏيڻ، سير سرها ٿيڻ، لهرون لنگهي پار پوڻ، واتان ڪستوري سان واسجي وڃڻ جهڙا سهڻا اصطلاح ۽ ٻيا اهم موضوع نظر اچن ٿا. سندس ڪلام غور سان پڙهڻ بعد اهو معلوم ٿئي ٿو ته فقير محمد صلاح پنهنجي دور جو نه فقط صوفي بزرگ هو، پر سهڻو شاعر به هو.

نواز علي شوق

سوانح

فقير محمدصلاح جا وڏا لاڙڪاڻي طرف جا وينل هئا. ڪن محققن فقير صاحب کي ٻيو سنڌيو آهي، پر حقيقت ۾ فقير صاحب ذات جو جيهو هو. جيهو ابڙن جو هڪ پاڙو آهي.

ولادت، تعليم ۽ تربيت

فقير صاحب جي ولادت جو سن معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. پر اندازي موجب فقير صاحب جي ولادت سنہ ١١٩٠ھ ڌاري ٿي هوندي. ڇاڪاڻ تہ سنہ ١٢٤٥ھ ۾ ميرن طرفان ڪين جاگير جو جيڪو پروانو مليو، تنهن ۾ ڪين "حقائق معارف آگاه محمدصلاح درويش" جي لقبن سان ياد ڪيو ويو آهي. اندازو آهي تہ فقير صاحب ان منزل تي ٥٠ ورهين جي عمر کان پوءِ پهتو هوندو.

سير سفر

فقير محمدصلاح جي ابتدائي زندگي ۽ تعليم تربيت بابت ڪابہ معلومات نہ ٿي ملي. گمان غالب آهي تہ محمدصلاح جو جوانيءَ ۾ ئي فقيري ڏانهن لاڙو هو. هُو ڦُوهہ جوانيءَ ۾ مخدوم لعل شهباز قلندر ١-(وفات ٦٥٠ھ) جي مزار تي ويو. پورا ٻارهن مهينا اتي عبادتون ۽ رياضتون ڪندو رهيو. ان کان پوءِ شاه خيرالدين عرف جيئي شاه ٢- (وفات ١٠٢٧ھ) ڏانهن وڃڻ جو اشارو ٿيس.* ان کان پوءِ سيوهڻ ڇڏي سڌو سکر آيو. ڪجهہ وقت جيئي شاه جي مزار تي عبادتون ۽ رياضتون ڪيائين. جتان اشارو مليس تہ: "تنهنجي امانت سچل سرمست (وفات ١٢٤٢ھ) وٽ آهي. درازن وڃ ۽ وڃي پنهنجي امانت وٺ." ان ڳالهہ جي ثابتي فقير صاحب جي قبي تي لکيل هڪ لکت مان ملي ٿي، جا هن ريت آهي.

---

* زباني روايت عبدالحڪيم جيهو، عمر ٥٠ سال وينل درگاه فقير محمدصلاح.

ز مهرِ نظر توجه شاهِ خيرالدين
شده حڪمش سوي سچل بادشاه
فرموده: واقفِ سِرّ اسرار هُو
عاشق سچل پاڪ اسم هُو الله

يعني شاه خيرالدين مٿس مهر جي نظر ڪئي ۽ حڪم ڪيائينس ته: سچل بادشاه ڏي وڃ. سچل جيڪو ڳجهن رازن جو واقف آهي ۽ سچو عاشق آهي.

فقيري فيض

فقير سڪر چڙهي اچي سچل جي ديس درازا پهتو ۽ معرفت واري مئي جا پُر پيالا پي متارو بڻيو. اهوئي سبب آهي جو هن پنهنجي ڪلام ۾ ڪن هنڌن تي پاڻ کي متارو محمدصلاح سڏيو آهي. فقير صاحب جي تعليم تربيت بابت پڻ ڪو پتو پنجي نه سگهيو آهي. بهرحال فقير صاحب سچل سرمست وٽان 'الف' وارو اکر پڙهي ٻيا سڀ ورق وساري ڇڏيا. اُن "الف" سندس اندر اهڙو اجرو ڪري ڇڏيو جو کيس دم دم جا ديدار نصيب ٿيڻ لڳا. سچل سائين جي نظر فيض اثر کيس رڱي ريٽو ڪري ڇڏيو. هن درازي درويش وٽان وجود وڃائڻ واري رمز سکي ورتي. تنهن ڪري کيس ظاهري علم جي ضرورت ئي نه رهي، جيئن فقير قادر بخش بيدل (وفات ١٢٨٩هه) فرمايو آهي:

سِکُ رمز وجود وڃاوڻ دي،
نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي.

فقير صاحب جي شخصيت

هينئر فقير صاحب اهڙي منزل تي پهچي چڪو هو جو عام روايت آهي ته "جتي محمدصلاح، اتي پاڻ الله". پر حقيقت ۾ قبي اندر ٻـت جي هڪ پاسي لکيل آهي:

گفت: جائيکہ باشد محمدصلاح،
فضل و لطف باشد آن جا هرگاه.

يعني جتي محمدصلاح هوندو، اتي الله جو لطف ۽ ڪرم هوندو.
فقير صاحب جي فقيراڻي طبيعت ۽ بزرگي ڏسي ڪيترائي هندو ۽ مسلمان

سنڌس مريد ٿيا. خيرپور جا مير سنڌس معتقد هئا. مير مبارڪ خان٣ ڏيهه اپڙي ۾ ڪبڙي واري کوهه ڪان شاهه لڏاٽي ڪپڙي شاخ تائين ڪين جاگير ڏني هئي. جاگير واري پرواني تي مير مبارڪ خان، (وفات ١٢٥٥هه) جي مهر لڳل آهي. ان ڪان پوءِ سنڌس فرزند مير نصير خان٤ ڪين جاگير جو ٻيو پروانو ڏنو ۽ ان تي پنهنجي مُهر هڻي، اڳئين پرواني جي تصديق ڪئي. بعد ۾ ٻهرلوءِ٥ ۾ اُيڙي وارا علائقا جڏهن مير علي مراد خان اول٦، کي مليا ته هن اها جاگير فقير صاحب جي ملڪيت ۾ رهڻ ڏني. سنه ١٢٩١هه ۾ هڪ ٻيرو ٻيهر ان جي تصديق ڪئي وئي. ان تي مير علي مراد خان جي مهر ۽ سمندر خان جي صحيح لڳل آهي.

بعد ۾ مير فيض محمد خان فقير محمدصلاح جي وڏي پٽ فقير ولي محمد کي پنهنجي صحيح سان هڪ پروانو ڏنو. جنهن ۾ زمين جو وچور ڄاڻايل آهي. (اهي سڀ پروانا هن گڏ شامل ڪيا ويا آهن.)

مير علي مراد خان فقير محمدصلاح جو وڏو عقيدت مند هو. ڪڏهن ڪڏهن فقير صاحب وٽ ويندو هو ۽ ٻلي جي ساڳ ۽ جوئر جي ماني جي فرمائش ڪندو هو. فقير صاحب جي وصال ڪان پوءِ مير صاحب سنڌس مزار تي قبو تعمير ڪرايو. مطلب ته خيرپور جا مير، فقير محمدصلاح جا وڏا عقيدت مند هئا. ويندي مير علي نواز تائين درگاهه تي حاضري ڀريندا رهندا هئا.

فقير قادر بخش بيدل فقير محمدصلاح جو عقيدت مند هو. روهڙي ۽ دونهين ۾ گهڻو مفاصلو ڪونه آهي، ويجهڙائي ۽ عقيدت سبب بيدل فقير اڪثر سائنس اچي رهائيون ڪندو هو. سيد عبدالحسن شاهه موسوي (وفات ١٩٦٧ع) 'ديوان بيدل' جي مقدمي ۾ لکيو آهي ته: بيدل جو اهو زمانو آهي، جنهن ۾ سنس سچل سرمست جو گهرو اثر پيو ٿو. نانڪ يوسف (وفات١٢٦٩هه) سان وقت بوقت صحبتي ٿئي ٿو. سيوهڻ ويندي ۽ موٽندي نوشهري فيروز ۾ شاهه نصير (وفات ١٩٠٠ع) سان ملاقاتي ٿئي ٿو. فقير محمدصلاح سان جنهن جي لاءِ چوٽي آهي ته: "جاڏي محمدصلاح، تاڏي پاڻ الله" سان گهڻو ڪري روزانو روح رهاڻ ٿئي ٿي." *

فقير صاحب جا سڄي سنڌ ۾ مريد ۽ عقيدت مند هئا. بيچانجي جا

---

* ديوان بيدل- عبدالحسين شاهه موسوي. ص- ٤٣ سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٤ع.

مغل، لکي جا سيد ۽ پٺاڻ ۽ ٻين مختلف شهرن جا هندو ۽ مسلمان سندن مريد خادم هئا. فقير صاحب جو اوتارو شاهي سڙڪ تي هو. تنهن ڪري ڪيترائي مسافر اتي اچي مهمان ٿيندا هئا. مهمانن جي رهڻ ۽ ماني ٽڪيءَ جو جوڳو بندوبست هوندو هو. فقير صاحب جو لنگر هر وقت جاري هوندو هو. راڳ ويراڳ جون محفلون به سدائين متل هونديون هيون. تنهن ڪري آيو ويو اتي خوش گذاريندو هو.

وصال

فقير صاحب وڏي عمر ۾ اندازً اسي ورهين جي ڄمار ۾ ٢٥ ربيع الثاني جمع جي ڏينهن سنه ١٢٧٥هه مطابق ٣ ڊسمبر ١٨٥٨ع ۾ هيءَ مٽيءَ جو ملڪ ڇڏي وڃي پنهنجي مالڪ حقيقي سان مليو. فقير قادر بخش بيدل جيڪو سندس گهرو دوست هو ۽ سندس مقام کان واقف هو، تنهن سندس وفات واري قطع تاريخ ۾ کين عارفِ وقت، واصل بالله، حق آگاه ۽ چشمهٔ فيض الله جي لقبن سان ياد ڪيو آهي. فرمائي ٿو:

چون محمدصلاح حق آگاه، عارفِ وقت واصلِ بالله
غرقِ بحرِ تجليّات شهود محوِ ذات و شهيدِ فيض نگاه
کرد رحلت ز عالمِ اجسام يافت در ملکِ جان عزّو جاه
سالِ وصلش بجست دل زخرد گفت هاتف که: چشمهٔ فيض الله*

١٢٧٥هه

"چشمهٔ فيض الله" مان ابجد جي حساب موجب ١٢٧٥ جو عدد نڪري ٿو. هتي فقير محسن جي هٿ اکرين لکيل اها قطع تاريخ ڏني وڃي ٿي.

چون محمد صلاح حق آگاه عارف وقت واصل بالله
غرق بحر تجليات شهود محو ذات و شهيد فيض نگاه
کرد رحلت ز عالم اجسام يافت در ملک جان عز و جاه
سال وصلش بجست دل ز خرد گفت هاتف که چشمهٔ فيض الله
١٢٧٥

---

* بياض فقير محمد بيکس ورق ١٦٢ سنه ١٢٩٤هه

انهيءَ تاريخ تي فقير صاحبُ جي درگاهہ تي هر سال ميلو لڳندو آهي، ٻري ٻري ڪان عقيدتمند اچي حاضري ڀريندا آهن، راڳ ويراڳ جي محفل مچندي آهي. جنهن ۾ سچل سرمست ۽ فقير محمدصلاح جا ڪلام ڳايا ويندا آهن.

اولاد

فقير صاحب کي ٻہ فرزند هئا. وڏو فقير ولي محمد ۽ ننڍو، فقير ڪريم بخش. ٻئي ڪافي جا سٺا شاعر هئا. هتي نموني طور سندن هڪ هڪ ڪافي ڏني وئي آهي. فقير ڪريم بخش جي وفات جو سنہ قبي جي اندرين ديوار تي ۱۲۸۴ھ لکيل آهي. اهو سنہ دونهين جي سيد اڏيل شاه ولد ناصرعلي شاه جو لکيل آهي. فقير ڪريم بخش ري اولاد وصال ڪري ويو.

فقير ولي محمد کي ٻہ فرزند هئا، هڪ فقير امام الدين جيڪو سنڌي مرثيي جو سٺو شاعر هو، ٻيو فقير امان الله، جيڪو پنهنجي مريدن جي اصرار تي دونهون ڇڏي بيچانجي ۾ وڃي رهيو. (بيچانجي موجوده تعلقي لکي ۾ آهي.) اتي فقير جو اوتارو هوندو هو جتي ڏينهن رات راڳ جون محفلون متل هونديون هيون. فقير صاحب جو وصال بہ راڳ هلندي ٿيو.* فقير امان الله کي فقير حبيب الله نالي هڪ فرزند هو. جيڪو ري اولاد وصال ڪري ويو. فقير امام الدين کي ٻہ پٽ ٿيا. هڪ فقير نورالدين جيڪو وڏو عالم هو ۽ سندس عقيدت مند سڄي سنڌ ۾ موجود هئا. فقير صاحب سنڌي زبان ۾ قرآن مجيد جو تفسير لکيو، جيڪو صوفياڻي رنگ ۾ لکيل آهي. (ان تفسير جا آخري ٻہ ورق هن سان گڏ شامل آهن.)

---

* فقير صاحب جڏهن بيمار ٿيو تہ غشي اچي ويس. سندس مريد پاڙي واري مسجد جي ملان کي وٺي آيا. ملان اتي اچي قرآن پاڪ پڙهڻ شروع ڪيو تہ فقير صاحب چيس ”هون هون“. تنهن هوندي بہ ملان قرآن پڙهندو رهيو. فقير کي ڪاوڙ آئي لت هڻي چيائينس تہ: قرآن غلط ٿو پڙهين. مريدن کي چيائين تہ: هن کي ٻاهر ڪيو، راڳ شروع ڪيو. راڳ شروع ٿيو فقير، سچل سرمست ۽ محمد صلاح جو ڪلام ڳائيندا رهيا. ۽ راڳ هلندي فقير صاحب فوت ٿي ويو. (زباني روايت عبدالحڪيم جيهر، وينل درگاه محمدصلاح.)

هن وقت الهه ڏتو فقير سجاده نشين آهي، جيڪو هڪ خاموش طبع صوفي درويش آهي، ۽ پنهنجن وڏڙن واري گادي وسايون ويٺو آهي.

شاعري

راقم ڪيترن ورهين کان ڪافين جا بياض گڏ ڪندو رهيو آهي. ٻه ٽي مهينا اڳ موسوي صاحبان جي لائق اولاد نوجوان سيدن عطا حسين شاهه ۽ عبدالحسين شاهه ڪجهه بياض عنايت ڪيا. جن ۾ بيڪس فقير، سلامت راءِ، چيتانند، نواب شاهه سڪايل، فقير احمد علي، ڪريم ڏني فقير، ۽ مرحوم محمد عثمان قاضي سکري جا بياض شامل آهن. خوش قسمتيءَ سان محمد عثمان سکري* واري بياض مان فقير محمدصلاح جون ڏهه ڪافيون ۽ سندن وڏي پٽ فقير ولي محمد جون ٻه ڪافيون مليون. هڪ ڪافي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتاب ’ڪافيون‘ جلد ٽئين مان ملي. ست ڪافيون درگاهه تي رکيل پيتيءَ جي پراڻن ڪاغذن مان مليون.* پر اهي ڪافيون سکري واري بياض ۾ ٿوري ڦير ڦار سان موجود آهن.

هن کان اڳ ذڪر ٿي چڪو آهي ته فقير صاحب پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي نالي سان ’متارو‘ لفظ استعمال ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته فقير محمدصلاح محبت واري مئي جو پياڪ هو.

درازي مئخاني مان مئي پي مست و مست ٿيو ۽ پاڻ کي متارو سڏائڻ لڳو. خواجه محمد زمان رح (وصال ١١٨٨هه) ڪهڙو نه سهڻو فرمايو آهي:

سُتي ان شراب، جن سَري سي سون ٿيا،
سُمهڻ تن ثواب، ڪتڻ تن کي ڪيميا.

---

* محمد عثمان سکري اصل ۾ شڪارپور جو ويٺل هو ۽ درزڪو ڪم ڪندو هو. تمام سٺو ڪاريگر هو. سندس پيءُ ماءُ فوت ٿي ويا ته ڇورو ڇنو ٿي پيو. قاضي عبدالفتاح سکر واري جي گهرواري جڏهن شڪارپور پنهنجن مائٽن سان ملڻ وئي ته هن يتيم تي ڪيس رحم آيو ۽ ڪيس سکر وٺي آئي. پوءِ محمد عثمان سڄي حياتي سکر ۾ رهيو ۽ پاڻ کي سکري سڏائيندو هو. ڪافي جو سٺو شاعر هو. راڳ ويراڳ سان دلچسپي هيس. سنه ١٩٣٠ع ڌاري فوت ٿي ويو. (زباني روايت سيد عبدالحسين شاهه موسوي.)

* اهي پراڻا ڪاغذ محترم دوست علي محمد جنداڻ ويٺل دونهون، راقم کي اچي ڏنا.

درازا پهچڻ کان پوءِ، فقير صاحب ان منزل تي پهچي ويو. کيس پنهنجي مرشد سچل سائين سان بي پناه عقيدت ۽ محبت هئي. فقير اڪثر سندن حضور ۾ حاضر رهندو هو. ان ۾ ڪو شڪ ڪونه آهي ته دونهين ڪان درازين وڃڻ مهل واٽ تي فقير عبدالله ڪاتيار* سان ضرور ڪچهريون ڪيون هوندائين. ڇاڪاڻ ته عبدالله فقير ان دور جو وڏو شاعر ۽ صوفي بزرگ هو ۽ رندي رمز جو رهبر هو. سچل سرمست ۽ عبدالله فقير جي پاڻ ۾ پريت هئي. هن درازن ۾ سچل سائين جي طالبن محمد صالح درويش۷ غلام حيدر شر، نانڪ يوسف، شيرخان پنپري۸ گهرام فقير جتوئي، سيد خير شاه، سيد پيرو شاه،۹ حاجي عثمان چاڪي، گل محمد فاروقي ۽ ٻين فقيرن ۽ درويشن سان روح رهاڻيون ڪيون هونديون.

اهڙين محبتي مجلسن سندس شاعريءَ واري چڻنگ کي دکايو. اهڙيءَ ريت درد جا دونهان، دونهين ۾ دکندا رهيا. سندن فيض جي چشمي مان ڪيترن ئي اڃايلن اڃ اُڃ اجهائي. اڄ به فقير صاحب جي قبي جي اندر گهڙڻ سان روح کي راحت ۽ دلي سڪون حاصل ٿئي ٿو.*

پنهنجي مرشد جي ديس درازا سان ڪين دلي محبت هئي. محبت به ڇو نه هجي، جنهن لاءِ خود سچل سائين فرمايو آهي:

ديس سچل دا شهر درازا،
مڪو نا ملتان.

فقير صاحب جي به دل گهرندي هئي ته پڪي ٿي درازين اڏري وڃان. اڪثر سندس زبان تي اهائي مصرع هوندي هئي:

اُڏر دل درازين، پائي پر پڪي.

فقير صاحب جڏهن سڪر ڇڏي پهريون ڀيرو درازين پهچي ٿو ۽ سچل سائين جو طالب ٿئي ٿو ته کيس درازا ۾ هر طرف نُور ئي نور نظر اچي

---

* فقير عبدالله پير صاحب پاڳاري حضرت صبغت الله شاه اول جي آخري ايام ۾ اندازاً 1240-1245هه ڌاري وفات ڪئي. خليفي صاحب جو رسالو- ڊاڪٽر بلوچ: سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٦ع.

* فقير صاحب جو قبو نهايت ئي زبون حالت ۾ آهي. ان جي جلد مرمت ڪرائي وڃي ۽ فقير محمدصلاح جي قبر تي بيدل فقير واري قطع تاريخ جو ڪتبو لڳايو وڃي.

ٿو. ۽ پهرين ئي ملاقات ۾ مرشد جي نظر فيض اثر ڪيس وڏي منزل تي پهچائي ڇڏيو.
فرمائي ٿو:

آندو عشق امالڪ اُتي اُتي، جاتي ظاهر باطن نُور پيِي،
لسان لهرون سيئي لنگهياسي، ٿيڙو لحظي مجھ لطف،
پهرئين رسياسي پُوريِي.

جڏهن طالب ٿيو ته جڻ سندس جيءُ جاڳي پيو، پرين جي پسڻ سان قلب روشن ٿي ويو. جڏهن دل صاف آهي ته جڻ سڄو جسم صاف آهي. پر جيڪڏهن انسان جي دل خراب ٿي ويندي ته سارو جسم خراب ٿي ويندو. تنهن ڪري صوفي سونهارن دل جي صفائي تي گهڻو زور ڀريو آهي. دل صاف هوندي ته پوءِ دل جي آئيني ۾ دم دم دوست جا ديدار نصيب ٿيندا. فقير صاحب کي پنهنجي محبوب مرشد جون منڙيون ڳالهڙيون اهڙيون ته وڻي ويون جو هُو پاڻ کي جڻ جيئري جنت ۾ محسوس ڪرڻ لڳو ۽ اُهي ورونهان ور ور ياد ڪندي فرمائي ٿو:

واهه وڻيون مونکي وايون، مٺي ٻاروچل جون ميان،
وِره وارن جون وُر وروُنهان، جيءُ جنين جاڳايو.
سدا سي ساهه سيبايون.
پسڻ ساڻ پريئن جي ميان، ٿيڙي سيني کي ته صفائي،
جُڙيون جنت منجھ جايون.

فقير محمد صلاح جون ڪي ڪافيون اندروني قافيي سان سينگاريل نظر اچن ٿيون. مثال طور هڪ ڪافيءَ جا ڪي شعر پيش ڪجن ٿا، جن ۾ اندروني قافيي کان علاوه سهڻن لفظن جي سٽاءُ ڪافي کي نهايت ئي خوبصورت بڻايو آهي. فرمائي ٿو:

دم دم تنهين دوست جا، مون کي پُور ٿا پون.
لائق ليخ، محبت ميخ، مون کي جيءَ ۾ جڙي جن،
سا نه آهي اڪلڻ جهڙي، جيڪا ونڌي وينجهارن.
محبت مينهن، راتيان ڏينهن، سي وسن واڌوڙن،
متارو محمدصلاح چئي، ڏڏن ڏس ڏين.*

---

* مٿين ڪافي درگاهه تي گهڻو ڳائي ويندي هئي. عرشي سُومري واري بياض ۾ هن ڪافي کي مولود شريف جاٽايو ويو آهي.

هي هڪ ڪافي مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن خوشيءَ جي موقعي جي مناسبت سان چئي وئي آهي. سندس ڪو دل گهريو دوست يا ممڪن آهي ته سندس مرشد مهربان ٿي وٽس هلي آيو هجي. محبوب جي اچڻ سان جڙ بر ۾ بهاري ٿي وئي، هر هنڌ خوشبوءِ پکڙجي وئي. هڪ مسڪين جي اڱڻ تي سهڻو سائين اچي ته خوشيءَ جو ڪاٿو لڳائڻ ممڪن ئي نه آهي:

پرين پري آيا پير، ٿيڙي وسُون هن ويچاريءَ تي.
١- واتان ڪستُوريءَ واسيون، سُرها ٿيڙا سيئي سير،
اچڻ ساڻ عجيبن جي.
٢- پيوند ڳنديائون پاهت جو، چنندا سي ڪين ڇڳير،
سدا ڳنڍيندڙ صاحب سي.
٣- پرين ڏنو پاڻ ڏي ميان، نه ته هيءَ ڪميٽي ڪير،
عشق اُجاري چام جي.

فقير صاحب کي پنهنجي مرشد سان اهڙو عشق هو، جو هر وقت هڪ ئي تات تنوار، پرين جي پچار ۽ سڪ سنيار ۾ رهيو ٿي. هو هدائي ٿو نه فقط آءٌ مسڪين، بلڪ سوين عالم، علام اچي اوهان جو سلام پرين ٿا.
فرمائي ٿو:

ساهُ سجڻ توکي ساري، منهنجو يار مُدامي
جاڪُون اٿم ساهُ سرير ۾، سڪ تنهنجي سهڻا سائين
نه ٿيندي طلب تمامي
محمد صلاح سائين، سهسين سڪايل، بره تنهنجي ڪيا باندي
ڪيئي عالم علامي

افسوس جو فقير صاحب جون فقط يارهن ڪافيون ملي سگهيون آهن، تنهنڪري سندن ڪلام جو مڪمل جائزو پيش ڪري نه ٿو

سگهبي. هتي اسان فقط فقير صاحب جي شخصيت ۽ شاعريءَ جي مختصر طور سڃاڻ ڪرائي وئي آهي. جڏهن سندن سمورو ڪلام يا ان جو ڳچ حصو هٿ آيو ته پوءِ سندن ڪلام بابت پختي راءِ قائم ڪري سگهبي. آخر ۾ فقير صاحب جون مليل ڪافيون پيش ڪجن ٿيون:

ڪافي

ٿلهه

دم دم تنهين دوست جا، مون ڪي پُور ٿا پون

١- لائق ليخ، محبت ميخ، مون ڪي جيءَ ۾ جڙي جن،
سا نہ آهي اکلڻ جهڙي، جيڪا وندي وينجهارن.

٢- سانير سُور، ٻولن ٻور، اُهي الو الان پيا ڪن،
سي مُور نہ وسرڻ جهڙيون، جيڪي ايـيون آباهيون ڪن.

٣- پارؤن يار، لک هزار، مون ڪي مهڻا روز ڏين،
سي مون جهولي پائي جهليا، مَرُ ٻيا پيي پہ تـي ڏين.

٤- محبت مينهن، راتيان ڏينهن، سي وسن واديوڙن،
متـارو محمد صلاح چئي، ڏڏن ڏس ڏيـن.

ڪافي

ٿلهه

پرين پري آيا پير، تيڙي وسئون هن ويچاريءَ تي.

١ـ واتان ڪستوريءَ واسيون، سُرها تيڙا سيئي سير،
اڄڻ ساڻ عجيبن جي.

٢ـ پيوند ڳنڍيائون پاهت جو، چنندا سي ڪين ڇڳير
سدا ڳنڍيندڙ صاحب سي.

٣ـ پرين ڏنو پاڻ ڏي ميان، نه ته هيءَ ڪميڻي ڪير،
عشق اُجاري چام جي.

٤ـ معاف ڪيائون مون مسڪين تان، بخشئون بديون مير،
تيڙي سُرهائي ساه ڪي.

٥ـ محمد صلاح سائين تون تنن سان، رک حُب هينئڙي سندي هير،
پل نه وسارج تون ٻه تن کي.

ڪافي

ٿلھ

واھ وٽيون مون کي وايون، مٺي ٻاروچل جون ميان.

١- وِرھ وارن جون وَرُ ورونھان، جيءُ جنين جا ڳايو،
سدا ساھ سي سيبايون.

٢- اٿم تسلو تن کي ميان لا، ڇني سي ڪين ڇڏيندا،
پڪا سي قول ڪيائون.

٣- پسڻ ساڻ پرين جي ميان، ٿيڙي سيني کي تہ صفائي،
جُڙيون جنت منجھ جاُيون.

محمدصلاحسائين مھرؤن پنھنجي، ھيڪلڙي جي اچي حب ۾،
سگھڙي سار لڌائون.

ڪافي

ساهُ سڄڻ توکي ساري، منهنجو يار مدامي.

١ـ جاڪون اتمُ ساهه سرير ۾، سڪ تهنجي سهڻا سائين،
نہ ٿيندي طلب تمامي.

٢ـ بلڪل بلو ڪونهي ڪو، بنان تو اجها آرياڻي،
اچي حمايت ٿيندين حامي.

٣ـ ڪڏهن نہ مُڪو پاڄاڙيءَ ڏي، ڪري دوست پلائي،
پاڻون جاڻي ڪو پيغامي.

٤ـ اصل لاڪُون آهي اوهان جو، تهدل هوت هميشہ،
مهنجو ساهُ سلامي.

٥ـ محمد صلاح سائين سهسين سڪايل، برهہ تهنجي ڪيا باندي،
ڪيئي عالم علامي.

ڪافي

ٿلهه

منهنجا خان ٻاروچل سائين، اچج آرياڻي آڳاهون.

١- وِٿَ نہ وجهج وو، وصال ۾ ميان لا،
هڪدم دوست ڏُراهون.

٢- تڪيان تاري وي، حياتي واري لا،
دل اٿم دلبر ايڏاهون.

٣- تن من تانگهہ ني وي، طلب تنهنجي لا،
اٿم راتيان ڏينهائون.

٤- محمد صلاح سائين، تنهنجي ملڻ لئي لا،
دوست گهران ٿي ٻِدعاهون.*

* اصل ائين لکيل: دعاهُون= دعائون

ڪافي

ٿلهه

آءُ پانڌي ڪرڪا چڱي ٻالهڙي،
ساهُ سڄڻ ڪي ٿو ساري.

١- واٽان تنهنجون سير سيئي،
نِت نت روز نهاري.

٢- لاهي لاڳاپا لوڪ جا،
دلڙي لڳي تنهنجي لاري.

٣- هڪ خيال سنڌؤ سائين،
جيءُ جٺو ٿو جياري،

٤- قسمت قيدالماءَ جي،
نہ تہ ڪير گهڙيون هت گهاري.

٥-محمدصلاح سائين سيين پارين،
توهه تنهنجو ٿو تاري.

ڪافي

ٿله
آنـدو عـشـق امـالـڪ اُتـي اُتـي،
جاتي ظاهر باطن نور پـي

١ـ شمس، عطار شوق مؤن ميان، لاتـي آهـي سِرَ ميار
موج انهيءَ منصور پـي.

٢ـ دوست اسان ڏهن دل نہ مٽيندو، لائي نينهن نسنگ،
آهي من سندو منظور پـي.

٣ـ لسان لهريون لنگهياسي، ٽيڙو لحظي منجھ لطف،
پھرئين رسياسي پُور پـي.

۴ـ روبَرو چشمان چايئي، ويهاري ڪول قريب،
موهي ڪيؤ مخمور پـي.

٥ـ محمدصلاح ٿيو لطف الاهي، جنهن سِر آيو جُود،
حاصل تنهن تہ حضور پـي.

ڪافي

ٿلهه

تنهنجي عشق اجاريو ميرُ، بيشڪ جند جان جي.

١ـ ڪلنگي وارو، قرب قرارو، ساقي آهي سو تہ سمير،
محبت سندي مئخان جي.

٢ـ سايو تنهنجو آهي انهيءَ تي، تنهن ۾ نا ڪو ڦير،
صحت سندو سامان جي.

٣ـ ڪاڪيون مون کي ڪين ڇڏيندو، هٿئون پنهنجي هير،
فائق سچي فرمان جي.

٤ـ پرين سندي پار جو درد نہ پائنجي دک دلير،
شائق رهو شڪران جي.

٥ـ محمد صلاح محب موچاري، ڪيڙم يال پلير،
اپر ڪيئي احسان جي.

* ڪافي

هن ٺڪيءَ تي ٺورا، ڪيا ڪوهيارل ڪيئي.

١- لٺي ڪَسُ قلوب تان، پسي پرين پيشاني،
سي اونداهي ويئي.

٢- لٺا حرف حساب جا، پؤ پڳا سي پولا،
پيش پرينءَ جي پيئي.

٣- پکي پاڇاٽيءَ جي، پرين آيو پاٽئون ڇاٽي،
ويڙا مرض مڙيئي.

٤- محمدصلاح چئي، ڳُڻن پرئي جون، لکين پال پلايون،
ڳاله ڪريان مان ڪيهي.

* قافيون جلد ٽيون- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ص- ١۴٥۴ سنڌي ادبي بورڊ ١٩٩٠ع.

ڪافي

ٿلهه

پيارل تون تان پاڻون آءُ، نہ تين تا ڏونگر مون هؤن ڏوريا.

١- پنڌ اڻانگا بربٽ پنيون- مدد هن مسڪين بسان سائين تي تون،
بيشڪ هادي تينڊو توڏهن بچاءُ.

٢- اڻ ڏٺيون ني وو، واٽان وندر جون- سوڙها چاڙها سي گهير گهٽيون،
ڏر ڏونگر سختيون چاڙهاڪاءُ.

٣- هادي مهدي وو سهٽل سائين- مهر هن مسڪين تان مُور نہ لاهين،
فانق هن فقير تي ڪج فضلاءُ.

٤- ترن برن مؤن، سائين چڪڻ مؤن- اچي چاڙهج تون تکن تيزن مؤن،
سُتڙ پيڙو ڪج، مون مسڪيناءُ.

٥- هيڪل پنڌڙو آهي الا زور ضرور- پونڌءِ پهُ يي اصل وطن ڏور،
بنا تو ڪونہ تينڊو ڪو همراءُ.*

٦- محمدصلاح سائين وو مهربان تينڊو- پاڻون پاڻ اچي رهبر رسندو،
ڏينڊو هتڙا، لهندو سارو سماءُ.

---

* اصل ائين لکيل.

ڪافي

تلم

تون ورُ ٻاروچل ويرِ، تنهنجو واهي آهي الله.

١- تخت مسلم مقرر توکي، ٿيو الاهي عطا امداد،
مِلڪ مڏيون تہ متاع.

٢- تولي تنهنجي ٽاٽي ٽڪاٽي، جڙي جميعت جاءِ بجاءِ،
ساڻ فضل فتاح.

٣- علي مراد تي محصل توکي، اهو سائل سوال اگهيوءِ،
منجهہ تہ ڏٺي درگاه.

٤- بر بحر ٻجهن ٿا باري، اٿي منزل دور دراز،
هادي ٿيندءِ همراه.

٥- اجهو ٻاروچو آيو، جنهن جو ڏس ٿي دور ٻڌوم،
ڀُنيون اميدان ارواح.

٦- غم وهم سيئي ويڙا، پسي ديسڙا ديس قرار،
ٿيو سبب محمدصلاح.

---

* مٿين ڪافي ۾ مير علي مراد کي فقير صاحب دعا ڪئي آهي. مير علي مراد مير سهراب خان جو ننڍي ۾ ننڍو پٽ هو. سٺو اديب ۽ شاعر هو. ان کان علاوه غريب نواز هو، فقيرن درويشن ۽ عالمن جي وڏي عزت ڪندو هو. جڏهن مير صاحب تي نونهار واري عهدنامي ۾ ڦيرڦار جو الزام لڳايو ويو تہ سندس رياست جا ڪجهہ علائقا انگريز سرڪار پنهنجي قبضي ۾ ڪيا. مير صاحب ان فيصلي جي خلاف پنهنجن وڪيلن معرفت لنڊن ۾ اپيل ڪئي. پاڻ بہ لنڊن ويو ۽ ڏيڍ سال کن اتي رهيو. آخر انگريزن کي ڪنهن طريقي راضي ڪري مير صاحب ڪاميابيءَ سان واپس آيو ۽ عملي طور ڪين رياست جو والي تسليم ڪيو ويو. سنہ ١٨٩١ع ۾ کين G.C.I جو خطاب ڏنو ويو.

ڪافي فقير ولي محمد ولي*

تلھ

جو دم جيئين تون جاڪي، رهج پاڙي پرين.

١- آسرو آهي 'اقرب' وارو، ڪولي تن من جي تاڪي،
چڏ لاڳاپا لوڪن.

٢- 'وَفِي اَنفُسِڪُم' دلبر جو ديرو، تُو منجھ آهي اوطاقي،
چو تون ڳولين ٻين.

٣- 'اِنَّ ارض الله واسعة'، ڪونہ رهيو خيال باقي،
سچو فرمودو سندن.

٤- وليءَ وات اَهائي وحدت واري، جارئون ونجان جاڳي،
وڃائي ننڊ نيڻن.

---

* هيءَ ڪافي محمد عثمان سڪري واري بياض مان ملي.

* ڪافي ڪريم بخش فقير

ٿلهه

آهين تون ڪير، صحيون ڪر اصل پنهنجو وي ميان،
چو تو پاڻ پڏائين.

١- پاڻ جهڙو وي پائين ڪونه وي ميان،
سڀ کان بهتر تو پائين.

٢- ڪريم بخش تون هيڪر، وهوا ويتر، پلو ميان،
جي تون سينو نه ساهين.

* قافيون جلد-٢ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ص- ٩٠٨ سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٧ع

مير مبارڪ خان

مير مبارڪ خان ولد مير سهراب خان هڪ وڏو بهادر انسان هو. هُو شاه شجاع خلاف ڪرڙي واري جنگ ۾ شريڪ هو. صوفي بزرگن جو عقيدت مند هو. فقير محمد صلاح سان عقيدت هيس ۽ کيس جاگير جو هڪ پروانو ڏنو هئائين، جنهن تي سندس مُهر لڳل آهي. هُو فارسي زبان جو سٺو شاعر هو. هيٺ سندس هڪ غزل جا ڪجهه شعر پيش ڪجن ٿا.

از درد دلارام روان اشک چو ژاله
واز خون جگر جان بصد داغ چو لاله
کي سرو بقامت صنما همسري آرد
واز چشم تو شرمنده شده آهوي غزاله
اي حسن تو چون يوسف مشهور به عالم
. اين خط به رخت گرد که چون ماه به هاله
باشد که برآري ز رخت پرده دلارا
اين است غذا ديدن دلدار نواله
صد شکر مبارک که شهي خالقِ رزاق
برشاه نجف قسمت تو کرد حواله

ان دور جي مشهور شاعر "عشقباز" کين دعا ڪندي فرمايو آهي:

مبارک خان اميرِ ذوالکريم است
مدائم برسرش راحم رحيم است
خدا دادش بلند اقبال ميمون
بود عمرش فزون بخشش همايون
مبارک خان ترا شامل قوي بخت
علويت زين سبب زيرِ زمين خفت
مبارک خان بله عيدي تو زودي
شود بختت قوي اوج مزيدي

مير صاحب سنه ١٨٣٩ع ۾ وفات ڪئي، کين پنج پٽ هئا. مير نصير خان، مير محمد علي خان، مير فضل محمد خان، مير علي محمد خان ۽ مير ولي محمد خان.

مير نصير خان

مير نصير خان مير مبارڪ خان جو فرزند هو پنهنجي والد جي وفات کانپوءِ سندس جانشين ٿيو. جاگيرون ۽ ٻي ملڪيت سندس قبضي هيٺ آئي- هي پنهنجي والد وانگر فقير محمد صلاح جو معتقد هو. هن پنهنجي والد طرفان فقير محمد صلاح' کي ڏنل جاگير بحال رکي ۽ پنهنجي مهر سان هڪ اهڙو پروانو جاري ڪيو.

ٻٻر لوءِ

هن شهر تي اهو نالو ڪيئن پيو؟ تنهن لاءِ مختلف روايتون آهن. هڪ روايت هيءَ آهي ته هن ايراضيءَ ۾ ٻٻرن جا وڏا ٻيلا هوندا هئا، جتي شاه حسن شڪار ڪيو هو. ٻي روايت هيءَ آهي ته هن ايراضي کي ٻٻر ذات وارن اچي آباد ڪيو، تنهنڪري ان تي اهو نالو پئجي ويو. پر اڄ ڪلهه هن ايراضيءَ ۾ ٻٻر ڪونه ٿا رهن. هڪ روايت هيءَ به آهي ته ڪنهن شڪاري هتي ببر شينهن ماريو، تنهنڪري هن وستيءَ تي اهو نالو پئجي ويو. والله اعلم.

هيءَ هڪ تاريخي حقيقت آهي ته مرزا شاه حسن ڄام فيروز کي شڪست ڏيڻ کانپوءِ هن ايراضي ۾ اچي شڪار ڪيو هو. جڏهن همايون بادشاه سنڌ ۾ آيو ته اچي هن ئي علائقي ۾ رهيو هو. هن علائقي جا چار باغ مشهور هئا. همايون جي اچڻ کانپوءِ انهن کي سينگاريو ويو ۽ هن لاءِ محلات ٺهرايا ويا. هن وستي کي ابراهيم شاه جو دونهون پڻ سڏيندا آهن. بهرحال دونهون ۽ ٻٻر لوءِ ٻئي نالا مشهور آهن.

مير علي مراد اول

مير علي مراد ولد مير سهراب خان پنهنجي ڀاءُ مير مبارڪ خان جي وفات کان پوءِ خيرپور رياست جو حڪمران بڻيو. رياست جي ڪن علائقن جي ڪيس جي سلسلي ۾ لنڊن ويو. جڏهن اتان خير سلامتيءَ سان موٽيو ته خوب خير خيراتون ڪيائين. ان خوشيءَ جي موقعي تي فقير

محمد صلاح هڪ ڪافي چئي هئي. مير صاحب هن صوفي بزرگ جو ڏاڍو معتقد هو. سچل سائينءَ سان ٻه سندس بي پناه عقيدت هوندي هئي. هن سچل سائينءَ جو فارسي ديوان (ديوان آشڪار) ڇپائي پڌرو ڪيو هو. سچل سائين جي ٻالڪي نانڪ يوسف جو ٻه عقيدت مند هو. وڏو سخي، ڏاهو، مهمان نواز ۽ مسافر پرور هو. سندس سخاوت سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور هئي. راڳ ويراڳ جو شوقين هو ۽ ان فن جو وڏو ڄاڻو هو. سندس وفات ۱۸۹۴ع/ ۱۳۱۱ھ ۾ ٿي ۽ ڪربلا معليٰ ۾ دفن ٿيو. فارسي زبان جو سٺو شاعر هو. هيٺ سندس فارسي ڪلام مان نموني طور هڪ غزل ڏنو وڃي ٿو.

اي شوخ ستمگر ستم بي حساب چيست
بر عاشقان صميمي نازو عتاب چيست
از زلف پيچ تاب مرا تاب داده
مژگان تست قايل چندين عذاب چيست
شمشير آبدار کشيدي بيامدي
اين خشما بي گناه بر اين دل کباب چيست
ظاهر بيا براي خدا پيش من نشين
اين آمدن بشوخي عاشق ٻه خواب چيست
پابند شد ز عشق تو مسکين علي مراد
گاهي خلاف وعده گاهي صواب چيست

محمد صالح درويش

هڪ صوفي درويش هو. فارسي ۽ سنڌي زبان جو سٺو شاعر هو. سندس ڪلام صوفياڻي رنگ ۾ رڱيل آهي. سندس وفات ۱۲۷۸ھ ۾ ٿي. فقير قادر بخش بيدل سندس وفات جي تاريخ بابت هڪ قطعو لکيو هو. جنهن ۾ ڪين مجذوب حق، مطلوب حق فقير صاحب فقير محمد صالح مست لکيو اٿن. اهو قطعو هن ريت آهي:

چو لاقيد صالح محمد فقير
ز تقيد جسمانيه تافت رو

بياسود جانش در ارواح قدس
دلم گفت: وي مست مجذوب هو
١٢٧٨

مير محمد حسين علي خان واري بياض ۾ سندس ڪجهه ڪافيون ڏنل آهن. انهن مان نموني طور هڪ ڪافي پيش ڪجي ٿي:

نازان نال مريندئين، ڪيها ويس ڪيتوئي
سهڻا ويس ڪيتوئي
ڪيان تيڏيان لعل شرابي
پيالا پُر پيتو ئي
بدن تيڏا گل گلابي
جلوي جمال ويکيوئي
ويکڻ سيتي عاشق شهدا
غمزي نال نيتوئي
مشڪڻ سيتي صالح سارا
سيني وچ سيتوئي

ساڳي پران سچل سائين جي هڪ ڪافي آهي. ان مان ٻه ٽي شعر پيش ڪجن ٿا:

اپڻا ويس چوڙيوئي، ڪيها سانگ پيوئي
تون تان تخت هزاري دا سائين
ڪيون ڪر جهنگ پچيوئي
شان شاهي دا گم ڪيتوئي
جهونا پگل هڏ هويوئي

آخر ۾ سندس هڪ فارسي غزل پيش ڪجي ٿو.

گر دورم از تو باتو سوال و جواب چيست
ور باتو ام هميشه مرا اصطراب چيست
گر دورم از تو جان مرا راحت از ڪجا است
ور باتو ام درآتش هجرو عذاب چيست
از راه معني از آمده درميان جان
واز راه ظاهرت سبب اجتناب چيست

چو جلوه جمال تو خواب ممکن است
ديوانهٔ جمال ترا بِه ز خواب چيست
گفتي کہ صالح از المر عشق فارغ است
از سينهٔ پر آتش چشمر پر آب چيست

شير خان پنيرو

شير خان فقير ولد بيحد پنيرو رسول آباد جو وينل هو. شهر جي اوير واري ڪڏ مٿان اوير پاسي جتوئين جي پاڙي ۾ سندس گهر هوندو هو. ايل پنهوار هو. وٽس ٻڪرين جو وڏو ڌڻ هو ۽ سانگ ڪري ڪانائي ڏنڊ واريءَ جُوءِ ۾ مال چارڻ ويندو هو هڪ ڏينهن ڪيس اهڙي رمز لڳي وني جو ٻڪريون پنهنجي ڀاءُ محمد خان جي حوالي ڪري سچل سائين جي درگاه تي ويهي رهيو ۽ سندس وفات کان پوءِ گهڻو وقت سير سفر ڪندي لاڙ ۾ گذاريائين. سندس ڀاءُ محمد خان رسول آباد مان لڏي ڳوٺ بچل پنيري ۾ وڃي وينو. شير خان جي قبر ڳوٺ بچل پنيري جي قبرستان ۾ اهي. ڳوٺ بچل پنيري جي وڏڙن جي روايت مطابق محمد فقير ڪتياڻ هن ڳوٺ ۾ ايندو هو. هيٺ شير خان جا ٻه بيت پيش ڪجن ٿا.

شير خان پنيري جا بيت

(۱) موراڪيون مڪڙين ۾، گوڏين ۾ گانگهٽ
جڙي رهي جان ۾، چيچيءَ هاٿي چٽ
چلر، ڦوتيون، پچڙيون سارا پڌر پٽ
سمي چار سهٽ، ابو ڪينجهر ڪندئين.
(۲) پوري ايئن مر پانءِ، تو چنيسر ميو
موهت تي مٽي تي، تون وني پاڻ وڪيو
سمجهڻ تو ٿيو، تہ ڪاند مٿائيي ڪٽن تي.

هُو ڪافي جو سٺو شاعر هو. سندس ڪافيون سڄي سنڌ ۾ مشهور آهن. هيٺ نموني طور سندس هڪ ڪافي ڏني وڃي ٿي.

عمر دير لائي الائي چو اباڻن
ڏسي ڏوهه ڪهڙو ڏمر ڪيو ڏاڏاڻن

(۱) جدا ٿئي جيڏين کان سڪندي سال ٽيڙا
وڇوڙي ويچاريءَ جا هيٺا حال ٽيڙا
پري کان پنهواريون ساهيڙيون سڃاڻن
(۲) ڏکن ڪئي ڏهاڳڻ جلي ويو آ جيرو
مارو مٽ مٺي جا ڪيؤن ڪونه پيرو
لڃان روز روئي پڇان پئي پيڪاڻن
(۳) وساري ولهيءَ کي ڇني ڇو ڇڏيائون
ڪري ڏار ڏاري گولي نا گڏيائون
آهيان ننگ انهن جو ڪري سچ جي ڄاڻن
(۴) للر ۾ لوٽڪ پيو مريڙو مٺو آ
مکڻ ۾ ماکيءَ کان چکي جن ڏٺو آ
ڪنييون ڪاڄ خاصا، مٺا ڪئون مناڻن
(۵) الله پاڪ پرور اميدان پڄائيندو
سانگين ساڻ ميلو شير خان ٿيندو
امانت سلامت پڄايو نماڻن

پيرو شاهه

پيرو شاهه ولد شاهه محمد شاهه بخاري تعلقي گمبٽ جي رسول آباد شهر جو رهندڙ هو. جتي اڄ ۾ سندس درگاهه شهر جي بازار جي چيڙي تي ڏکڻ طرف منهن ۾ آباد آهي. هُو سچل سائين جو سچو طالب هو. سچل سائين ۾ کيس گهڻو پيارو گهرندو هو. سنڌي زبان جو چڱو شاعر هو. سيد ذات سان وڏو اُنس هيس، سندس هڪ بيت آهي:

(۱) پريو ڪُوهه پوڄي جو، پيس ڏکڻ کان ڏار،
مدعي اهي مار، جي سامهون ٿين سيد جي.

مير علي مراد پيرو شاهه جو عقيدت مند هو. هڪ ڏينهن پيرو شاهه وٽ ڪو سوالي ايو. جنهن کيس عرض ڪيو ته سندس عزيز کي مير صاحب خون جي ڏوهه ۾ ڪوٽ تي چاڙهي ڇڏيو آهي، سو سفارش ڪري سندس جان خلاصي ڪرائي. پيرو شاهه کي سواريءَ لاءِ وڏي قد جي سفيد گڏهه

هوندي هئي. هن ڪوٽ ڏجيءَ پهچي مذڪوره ماڻهوءَ جي ميرن وٽ سفارش ڪري جند ڇڏائي. پر مير علي مراد چيس ته: شاه صاحب مان خونيءَ کي جئدان ڏيان تو پر اوهان واعدو ڪريو ته اهڙي ڪم لاءِ وري مون وٽ نه ايندؤ. پيرو شاه پنهنجي اڇيءَ ڏاڙهي تي هٿ رکي اهڙو واعدو ڪيو. پيرو شاه واپس موٽيو ڳوٺ تي ايو ته رستي ۾ ٻيو ماڻهو مليو ويس جنهن چيس ته: سيد سڳورا آءُ اوهان جي ڪڍ رسول آباد ويو هوس اتان پتو پيو ته اوهان ڪوٽ ويا آهيو، سو اتان وري موٽ ڪيم ۽ شڪر جو رستي ۾ ملي ويؤ. پيرو شاه احوال پڇيس. هن وراڻي ڏني ته سندس پٽ کي خون جي ڏوهه ۾ مير صاحب ڪوٽ تي چاڙهي ڇڏيو آهي اهو ڇڏائي ڏيو. پيرو شاه چيس ته هو ته مير صاحب سان وري نه اچڻ جو واعدو ڪري آيو آهي. تنهن تي ان ماڻهو الله جي اسم جو واسطو وڌس ته پيرو شاه گڏه جي واڳ ڪوٽ ڏانهن موڙي. مير علي مراد پري کان ڏسي چيس ته: شاه مان جو توکي چير هو ته وري نه اچجان، تو ٻه ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي واعدو ڪيو هو. پيرو شاه وراڻيو: مير صاحب! مان تنهنجي، تنهنجي پيءُ ڏاڏي ۽ پڙ ڏاڏي جي ڏاڙهي ——— تارازيءَ جي هڪ پڙ ۾ وڌي ٻئي پاسي الله جو نالو وڌو ته اهو ڳورو تي پيو، سو موٽي آيس. سو فلاڻي پٽ فلاڻي کي ڇڏ. مير علي مراد ان ماڻهوءَ کي ٻه ڇڏڻ جو حڪم ڪيو. ڪوٽ ڏجيءَ ڏانهن موٽي اچڻ ڪري دير ٿي وئي هئي ۽ اتي ئي ڪيس ٽپهري ٿي وئي. سو ان وقت هيءُ بيت چيو هئائين:

سِج سورج شاه، ڪر سهائي سرس،
بسَ ڪر ترس، جيسين رسئون رسول آباد ۾.

پيرو شاه جا نوناري ڏاڍا متعقد هوندا هئا ٻه تي ڏينهن گذري ويا وٽس ڪون آيا. پڇا ڪيائين ته نوناري چونه ٿا اچن. ڪنهن ماڻهو کيس ٻڌايو ته کين نماز نه پڙهڻ ڪري مُلن دوزخ جا دڙڪا ڏنا آهن، سي وتن ٿا ڪم ڪار ڇڏيون نماز پڙهڻ لاءِ وضو سکندا. سو پيرو شاه کي جلال اچي ويو ۽ ٻه تي بيت چيائين:

سر ننگو، پير ننگا، نانگا سندن نام
وائي هل هلان سندي، تنين صبح شام
جمندي جيڪي جام، مُلا تن مُنجهايين.

نرناين مار لاءِ، چڙيا ٿان ٿاڪ
ويهي سي نہ وضو ڪندا، سندن پوتي پاڪ
جي ٿيندن وس ۾ واڪ، نہ تہ پڙهندو پيرو شاهہ چئي.

پيرو شاهہ جا، جاڻ فقير نونارِيءَ لاءِ چيل بيت

عشق اڏيءَ تي لکيو نونارِيءَ نالو
پُر ڪري پيالو، پيتئن پيرو شاهہ چئي

ڪر تون ڪريھر تي نوناري نگاهہ
تہ پُرجهي پيرو شاهہ، محبت واري مام ڪي.

جاڻ فقير جا بيت

(۱) آگ .سڙي ڪک پن، عشق ڪائي اندر کي
دين ڏرم ڏئي ٻن، وڃي آئيي عشق جي.

(۲) ننگا پير نڏر جا، مٿو اگهاڙو
پرٿي گڏريو ڪينڪي، ڏينهن ڏهاڙو
سسئي ساتاڙو، رنڊي گڏريو راهہ ۾.

هڪ پيري ڏور بيتن واري محفل متل هئي. ٻي خلق خدا جيءَ کان سواءِ شير خان پنيرو جاڻ فقير نوناري ۽ پيرو شاهہ بہ هو. اندازي موجب اها ڪچهري پيرو شاهہ جي اوتاري ۾ هلي رهي هئي. پهريون وارو شيرخان فقير کي ڏنو ويو. هن روح رهاڻ ۾ شيرخان فقير بيت تہ گهڻا ڪچهريءَ ۾ چيا هوندا پر هڪ بہ محفوظ رهجي ويا.

ڪامڻ ملي ڪاند کي، جا ڪُميتن ڪُٺي،
مٺي جا مُٺي، سا ڪاند نہ ملي ڪڏهن.

مٺين سندي موهہ ۾، ڪجهہ پروڙيم ڪين،
مٺيون هو مسڪين، پر موهہ مونکي ماريو.

پوءِ پيرو شاهہ پنهنجون سو ڪڙيون ڪچهريءَ ۾ پيش ڪيون. پر انهن مان فقط هڪ بيت محفوظ رهجي ويو آهي.

(زباني روايت حاجي مير خان پنيرو، ڳوٺ ٻچل پنيرو سنہ ۱۹۵۶ع)

سُتينءَ سيج پلنگ تي، لائي لونءَ لغار
سنجهي ساريءَ ڪينڪي، صبح ٿيئي سنيار
گوهيون ڏئي گسن تان، واٽ وٽئون وٽڪار
ڪاڏي رهيو ڪوهيار، ڪاڏي تي هٿڙا ڪٽين.

جانڻ فقير اهو بيت ٻڌي ڪيس رڙ ڪري چيو ته نولهي شاهه ويچاريءَ ڪي ماري چڏيئي هنڪي ڏکن ۾ ڏونگر جي ڏولائن اڳيئي ماري رکيو آهي. ويتر جو پٽو پوندس ته هيترن ڪشٽ ڪشالن کان پوءِ ڪيس پٽو پوندو ته هوءَ گس پلجي وڃي اوجهڙ پئي آهي ته اڦٽ مري ويندي. ڪو آٿت ڏئينس، همٿ وڌائينس. ڦٽن تي ڦهو رکينس- "نوناري فقير پوءِ ڇا چوانس" پيرو شاهه جانڻ فقير کان پڇيو.
"چئينس"

"اوڏو ٿئي ڪوهيار، هل ته ملين هوت کي"
(هيءَ معلومات عطا محمد ڀنڀري موکلي ڏني)

فقير محمدصلاح جي اولاد جو شجرو

فقير محمدصلاح

فقير ولي محمد

فقير ڪريم بخش
وصال ١٢٨۴ھ(ري اولاد)

فقير امام الدين

فقير امان الله

فقير حبيب الله
(ري اولاد)

فقير نورالدين

فقير نظام الدين

هڪ نياڻي


فقير قلندربخش

الھ ڏنو فقير
موجوده سجاده نشين

فضل محمد
نيڙهي واري سانحي ۾ شهيد ٿيو

نورالدين
(حيات)

قلندربخش
(حيات)



فقير محمد صلاح کي مليل زمين جو پروانو جنهن تي مير مبارڪ خان جي مهر ۽
سنہ ۱۲۴۴هہ لڳل آهي.




فقير محمد صلاح کي ڏنل زمين جو پروانو جنهن تي مير نصير خان ولد مير مبارڪ خان جي بطور تصديق مهر ۽ سنه ١٢٥٠هه لڳل آهي.

بقلم خود
بموجب
ملاحظه شد مهر عالي بندگان لعالي ١٢٤٥
متعالي سند ابتدائي ماه فصلي

کمداران اسیل و تپہ داران ببرلوي بدانند
حقائق معارف آگاه محمد صلاح درويش.....
زمين و چاه پخته بموجب سند مهر خاص بندگانعالي
متعالي دام اقباله بنام خود مقرر و معاف دانند
..... سند جديد ديگر مهر حضور مي شناسند
دراين باب پروانه مشارٌاليه حواله کرده اند
قلمي کرده بود اين پروانه چاه مذکوره مطابق
سند اصلي مهر بندگانعالي معاف دانند
..... فقير مشارٌاليه رسائي مقرب شد.

*

فقير محمد صلاح کي ڏنل پرواني جي پڙهڻي.



فقير محمد صلاح جي فرزند فقير ولي محمد کي ڏنل زمين جو وچور جنهن تي
مير فيض محمد جي انگريزيءَ ۾ مهر لڳل آهي.

باعث تحریر آنکه

[illegible] ۲۵

اقرار [illegible] صحیح [illegible] شرعی [illegible] با تمامی وارثان خود [illegible] سید [illegible] شاه [illegible]

مرحوم سید رسول بخش شاه [illegible] و سید ابراهیم شاه علیه الرحمه [illegible] خیرپور [illegible] خود [illegible] ابراهیم

حویلی بابت [illegible] اندرون دیوار [illegible] سفت [illegible] فیمابین [illegible] میان ولی محمد [illegible]

خلف مرحوم مغفور میان محمد صلاح علیه الرحمه [illegible] خیرپور و ما [illegible] از [illegible]

[illegible] سید میان معصوم علی شاه [illegible] صاحبه [illegible] سرکار [illegible]

[illegible] ناظم عدالت [illegible] احمد علی [illegible] میان [illegible]

[illegible] سرکار [illegible] فیصله کرده [illegible] میان [illegible] مذکور

[illegible] قسم کلام الله شریف [illegible] در حیات [illegible] مذکور

[illegible] سید غلام حسن شاه و بادل شاه ولد مرحوم سید [illegible] علی شاه و [illegible] میان [illegible] گرفته

[illegible] رضا [illegible] بلا اکراه و اجبار احدی [illegible] بصحت [illegible] و [illegible]

[illegible] نصف [illegible] داخل این بیع [illegible]

[illegible] حصه [illegible] کرده

سید غلام حسن شاه و بادل شاه [illegible] نصف [illegible]

[illegible] ۵ [illegible]

[illegible] ۲۵ [illegible]

[illegible] زمین [illegible] درختان نخل و غیره [illegible] اندرون

[illegible] بیع [illegible] دعوی [illegible]

[illegible] الاقل [illegible] و [illegible] من الاسباب

[illegible]

اگر دعوا کنم [illegible] شرع شریف باطل [illegible]

[illegible] نوشته [illegible] التاریخ [illegible]

[illegible]

ايضاً

[illegible]

ايضاً

[illegible]

ايضاً

[illegible]

فقير محمد صلاح جي قبي تي رکيل هڪ پيتيءَ مان لڌل ڪاغذ جنهن تي فقير صاحب جون ڪافيون لکيل آهن.

ڪافي ١٣

جهري - دم دم تنهنجو درسن چاهيان - مون کي پور تا پيون

١ الف لکيم محبت سکيم - مون کي جي ام جهڙي آه جن -

سا آهي نه اڪلن جهڙي - جيڪا وڏي آه ويچارن -

٢ سائين سور ڏيون بور - اهي الولا يا ڪن -

سي مور سور سرڙ جهڙيون - جيڪي اپيون آباهيون ڪن -

٣ يارون يار ڪه هزار - مون کي مهٽا ڏين -

سي مون جهجهوڪيءَ يا ڪي جهليا - مر پيلي پيا چون -

٤ محبت جهڙي راتيون ڏينهن - اهي وس واريون

مختار احمد صديق سائين - جيڪي تو ڏن ڏس ڏين -

كافي ١٣٧

ڇڏ - ميرين پري آيا پيرَ، تيڙي وسوڌن وڃائي ٿي.
وو اَمان ڪستوري واسيون، سر ها ٿيا سندن سير.
اڄ ساڻ عجيب ڇي.

٢ پيوند گيند پاٽون ياهت هو، ڇنڊ اسي ڪين ڦليرَ،
سر آگند پيڊر ماحب سين.

٣ ميرين ڏنو پاڻ ڏي، نه ٿي ڪميني آهي ڪير،
عشق اڄاري آري جانم جي.

٤ معاف ڪيا ٿون مون سڪين تي، بخشون وريون پيئي پير،
تيڙي سرٺا سدا سائين.

٥ محمد صلاح ٿيا ٿون بڇڻ سنا، رکه حب تيڙي سڄي ڍير،
پل نه وسار جي ٿون بڇڻ تي.

تمام شد

عبدالرحمان سکري واري بياض جو هڪ ورق.

یا ھو

عرض آھي تہ ھيءُ شجرو ڏيکاريل موافق
حضرت خليفو صاحب مرحوم ميان محمد صالح فقير عليه الرحمة ڪامل اولياءَ الله
کولن ڏنيحي عرضيدار ستين پيڙھيءَ آھي
حضرت خليفي صاحب لنگر فقراءَ باب الله جي خرچ لاءِ جيڪا
تمليڪ متروڪ غير تقسيم ڪري ڇڏي ڏنو آھي اُھا جھنگل تعلقہ
۾ ستر سال گذريو ھوندو اُھا ڇھن اي پيڙھين جي
درويشن پاڻ ۾ تقسيم ورھانگو نہ ڪيو ھو سوري
تمليڪ لڏ ھندي آئي آھي جنھن جي پيداوار مان
لنگر فقراءَ باب الله جو خرچ ۽ درستي درگاھ قبہ ۽ مسجد
شريف ۽ جماعت خانہ گاھ فقيرن جو خرچ ٿيندا آيا آھن
اسان فقيرن ھيئن صحيح ڄاڻون ٿا جو حضرت آھي تہ
سرور ڪائنات عليه الصلواة والسلام جي حديثن شريفن ۾ جيڪي
موافق جيئن تہ فرمايو اٿن تہ انا معشر الانبياء و الفقراء
لانرث و لانورث ما ترڪناہ صدقہ ۽ بموجب
مال الفقراء لا يملک جي ارشاد موجب جيڪا بہ
تمليڪ فقيرن جي لکيل اُھا حضور جن وقف ڪئي
داخل ڪرائي فرمائين ۽ ڪا تہ بہ وڌيڪ فقير صاحب ڪامل اولياءَ الله
جي نانءِ ڪري لکي فرمائين سندس اولاد يا فقراءَ جي قبول طريقہ
گذشتہ پيوستہ موجب تمليڪ ۾ درگاھ ۽ لنگر جو ستار و

اللهدال مريد گهي

جيڪي ڦوٽ جو گذارو فقرائي پيري جي موجب

ڪندا ايندا آئو دال روٽي کائيندا ايندا

پر جيڪڏهن فقرائي رسيت پيري جي قدم ٻاهر ڪڍندا

۽ بدفضولي ڪندو ۽ ته الڳ هي رنجهو ڪري ڇڏيو

نه رکيو سرڪار جملہ فقراء ستارو ڪندي

گرو ياد ڪريو جي ڪڍنگي بہ اختياري نہ رکي

هر وقت هر طرح سرڪار فقرائي مال ۽ درگاه

لنگر جي حفاظت ڪرائيندي

فقير محمد صلاح کي ميرن طرفان مليل زمين جي پيداوار بابت وضاحت.

قُلْ أَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۝ چئو تہ پناہ گهران تو مان
پروردگار آدمين جي ڪوڙي مَلِكِ النَّاسِ ۝ بادشاهہ
ماڻهن جي إِلٰهِ النَّاسِ ۝ الله آدم اولاد جو
مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ الْخَنَّاسِ ۝ کاهان شر وسوسي
وسوسي گهٽائيندڙ جي جڏهن وقت خدا تعالیٰ کي ياد ڪبو ته
شيطان جي اها عادت آهي ته جڏهن بندو خدا تعاليٰ کي ياد ڪري
ته ڊوڙي ويجهي پوي ۽ جڏهن حق جي ذڪر ڪرڻ غافل ٿئي ته وسوسا
وجهي الَّذِيْ يُوَسْوِسُ فِيْ صُدُوْرِ النَّاسِ ۝
جيڪو وسواس وجهي ٿو ماڻهن جي سيني ۾ مِنَ الْجِنَّةِ
وَالنَّاسِ ۝ جنن ۽ آدمين منجهان آهي يعني ع
شياطين ماڻهن ۽ جنن — اباب ۾ لکيو ته هن سورة
۾ پنجن جاين تي ناس جو لفظ آيو آهي يعني معنيٰ
مڪرر آهي پهرين منجهان الطفالة مراد آهي جنهن ۾ ربوبيت
جي معنيٰ جو دليل آهي انهيءَ ۽ ٻيو جاءِ جو ۽ لفظ ملڪ جو
جوانن جي ۽ حڪومت جو دليل آهي مشير آهي انهن مٿان
۽ ٽيون پيران ۽ اسم الله جو جيڪو روشن آهي فرمانبرداري
۽ عبادت منجهان لائق مناسب انهن مٿان ۽ چوٿون
صالحان جو وسواس ۾ لائق آهي ته گمراهه ڪري جي
۽ پنجون مفسدان جنهن ذڪر معروف [illegible] جي مٿان دلالت ڪري
ڪري ۽ حقيقت وارا [illegible] پنجن عدد جو مرتبو [illegible] جي
حضرات خمسه [illegible] دلالت نهايت ۾ ڪمال
جي مٿان آهي [illegible] ايشارا [illegible]
جو [illegible] حاصل [illegible]
[illegible] نهايت ڪرڻ [illegible]
[illegible]

نورالدين فقير جي لکيل تفسير جو هڪ ورق.

هو الحق الموجود

آمد نماز شام نیامد نگار من
وآنهم نشد میسر سوداء خام شد

عالیجاه رفیع پائگاه حشمت و شوکت دستگاه خانصاحب عالیشان

چون احوال ایمنوال بحمد ایزد متعال بهمه حال خیریت است وخیریت تندرستی آنمحب

از درگاه هادي کریم لیل و نهار خواهان و جویا است ماهو المقصود آنکه —

سال ۱۹۳۱ع آچر جمعرات مخدوم لعل شهباز جو تيلو مقرر ٿيل آهي ته انهيءَ

آندوست واثق محب صادق کي دعوت بمعه قبائل جي آهي فقيرن عارف انشيدا

اوهانجو اهل وعيال فقير جو اهل وعيال نيا ٿيون دختريون آهن فقير کي

گهڻن ايئي سالن کان اهو خيال خاطر گزين آهي ته بمعه قبائل دعاء گهري ته انهن تي

انفسنا و انفسکم نساءنا و نساءکم ابنائنا و ابنائکم هڪ توجهه و هڪ خيال آهي

اوهان صاحبن جي خداوند تعالیٰ عمر خضر عطا فرمائيندو يکبارگي مهرباني ڪري

فقير جو خيال رائيگان ايرادو اُميد پوري ڪري مبذول فرمائيندا ته هادي رحيم اوهان صاحبن جو

اُميدون ديني ودنيوي ظاهر باطني حاصل ڪندو آمين ثم آمين —

تمام هاجائي حرمت خواتون فقير کي دعوت ڏيڻ پاڻ سان ڪٺو ڪري ورتيو ايندا

هر حال ۾ هر طرح فقير جو ايئن پورو ڪري فرمائيندا زياده خير والسلام

۳۸ مئي ۱۹۳۱ع

دعاگو مسکین نورالدين فقير

نورالدين فقير جي هڪ خط جو عڪس.

[illegible]

[illegible]

... [illegible] ...

[illegible] واقف [illegible]

[illegible]

خوشي حاصل ٿي [illegible] اميد [illegible] آئيندي [illegible]

ريت خيريت [illegible]

خاطر [illegible] اسانجو احوال [illegible]

[illegible]

[illegible] الله [illegible]

[illegible]

[illegible]

درازا جي فقير سرور علي جو لکيل هڪ خط.

فقير محمد صلاح جي قبي اندر قبرون

وچ تي فقير محمد صلاح جي مزار
ساڄي ڪان: پهرين قطار: فقير فضل محمد وفات ١٩٥٠ع
قلندر بخش وفات ١٩٦٣ع
ٻي قطار: ١- فقير ولي محمد ولي وڏو پٽ
(سنڌي جو شاعر)
٢- فقير ڪريم بخش وفات ١٢٨۴هه (ري اولاد)
(سنڌي جو شاعر)
٣- فقير امام الدين ولد فقير ولي محمد
۴- فقير امان الله ولد فقير ولي محمد
ٽين قطار: ١- فقير ولي محمد ٻيو
٢- فقير امير بخش

بفیضان نظر مرشد
کریم صوفی فقیر
حکیم وزیر حسین
درازی



Scaned By Faqeer
Aamir Ali Darazi